ABC Certified

The Largest Circulated Sindhi Daily of Pakistan

هڪ ئي وقت ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر مان شايع ٿيندڙ پهرين سنڌي اخبار

DAILY KAWISH

Daily Kawish Hyderabad

روزانه ڪاوش

Wednesday 2nd January, 2019

(جلد 29) اربع 02 جنوري 2019ع بمطابق 25 ربيع الثاني 1440ھ (شمارو 149) قيمت 25 رپيا

# روينيو ڪاتي 6 مهينن دوران 44.373 بلين رپين جي رڪارڊ وصولي ڪري ورتي

## روينيو ڪاتي کي هلندڙ مالي سال دوران 38.820 بلين رپين جي وصولي جو ٽارگيٽ ڏنو ويو هو

## لاڳاپيل ڪاتي پهرين 6 مهينن دوران 19.18 سيڪڙو وڌيڪ روينيو گڏ ڪري ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ بورڊ آف روينيو ۾ هلندڙ مالي سال جي پهرين 6 مهينن دوران 44.373 بلين رپيا وصول ڪيا آهن، جيڪي گذريل مالي سال جي ان عرصي جي مقابلي ۾ 14.36 سيڪڙو وڌيڪ آهن. سنڌ بورڊ آف روينيو پاران جاري ڪيل انگن اکرن موجب هلندڙ مالي سال 19-2018ع جي پهرين 6 ماهي دوران سنڌ بورڊ آف روينيو 44.373 بلين رپيا وصول ڪيا آهن، جڏهن ته ان عرصي لاءِ 38.820 بلين رپين جو هدف مقرر ڪيو ويو هو. انگن اکرن موجب ڊسمبر 2018ع دوران سنڌ روينيو بورڊ 8.471 بلين رپيا جمع ڪيا، ان عرصي لاءِ 7.108 بلين رپين جو هدف مقرر ڪيو ويو هو. انگن اکرن موجب جيڪو ڊسمبر 2017ع جي مقابلي ۾ 19.18 سيڪڙو وڌيڪ آهي. سنڌ بورڊ آف روينيو پنهنجي ملازمن جي ڪارڪردگي کي واکاڻيندي چيو آهي ته ملازمن وڏي محنت سان روينيو گڏ ڪيو آهي. سنڌ بورڊ آف روينيو موجب سپريم ڪورٽ پاران موبائيل فون تي لاڳو ڪيل ٽيڪس واپس ڪرڻ جي باوجود سنڌ بورڊ آف روينيو گذريل سال جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ روينيو گڏ ڪيو آهي